

# فيضانِ امام اعظم رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه

**30-January-2025**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

30 جنوري، 2025ء (متوقع اسلامي تاريخ: 29 رجب، 1446ھ) تي پاڪستان جي
هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# فيضانِ امام اعظم

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... موليٰ علي جي هڪ نصيحت
- ✿... صديق اڪبر جي پيرويءَ جو قرآني حڪم
- ✿... پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امڙ سائڻ ڪان محبت
- ✿... شعبان شريف جون ڪجھ عبادتون

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)
For Feedback: +92315 2692786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

**اربعين عطار، قسط: 2، صفحو: 28، حديث پاڪ نمبر: 28**

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم: ”كَثْرَةُ الذِّكْرِ وَالصَّلَاةِ عَلَيَّ تَنْفِي الْفَقْرَ“ ترجمو: الله پاڪ جو ڪثرت سان ذڪر ڪرڻ ۽ مون تي درود شريف پڙهڻ غُربت کي ختم ڪندو آهي. [1]

اَلسَّلَام اے بادشاہِ دو جہاں!     اَلسَّلَام اے سرورِ کون و مکاں!

اَلسَّلَام اے نورِ ایماں اَلسَّلَام     اَلسَّلَام اے راحتِ جاں اَلسَّلَام

مانگتے پھرتے ہیں سلطان و امیر     رات دن پھیری لگاتے ہیں فقیر

غمزدوں کو آپ کر دیتے ہیں شاد     سب کو مل جاتی ہے منہ مانگی مراد

کیجیے رحمت حسنؔ پر کیجیے     دونوں عالم کی مرادیں دیجیے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...القول البديع، صفحہ:273۔

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي :اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي.(1)

اي عاشقانِ رسول! سني نيت جنّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا! مان نيتون ڪرايان ٿو، اوهان دل ۾ ارادو ڏسو ته اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيم! چئي ڪري ان جو اظهار ڪيو: ❁ عِلَم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان جا اهم نڪتا لکندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، گهر وارن کي، ٻارن کي، دوستن احبابن کي ٻڌائي ڪري علمِ دين جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پاڙيسريءَ جو خواب ۽ ان جي تعبير

امامِ اعظم، امام ابو حنيفه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو هڪ پاڙيسري هو، جيڪو اوچتو سفر تي نڪري ويو ۽ بصره پهچي ويو. جڏهن هو واپس آيو ته امامِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان کان خيريت دريافت ڪئي ۽ پڇيو: خير ته آهي؟ اوهان ايترا ڏينهن ڪٿي هيا؟ پاڙيسري وراڻيو: بصره ويو هيس. امام صاحب فرمايو: عجيب ماڻهو آهيو، بنا اطلاع جي هليا ويؤ. پاڙيسري بصره وڃڻ جو سبب ٻڌائيندي چيو: سائين! رمضان شريف جو مهينو هو، مون هڪ خواب ڏٺو ته اوهان مديني پاڪ ۾ روضي رسول جي سامهون حاضري ڏئي رهيا آهيو. اوهان اڳتي وڌيا، روضو پاڪ کوليو، ماڻهو اوهان کي ڏسي رهيا هئا، پر ڪنهن منع نه ڪيو. مون ڏٺو ته اوهان شاهِ مدينه، قرارِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قبر مبارڪ منجهان مٽيءَ جا ڪجهه ٻُڪَ پريا ۽ ان کي ڦوڪ ڏئي هر طرف ڇَٽي رهيا آهيو.

اهو خواب ڏسي مان تمام گهڻو پريشان ٿيس. ان ڪري بصره ۾ امام ابن سيرين

1 ...بخاری، كِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

رَحْمَةُاللّٰہِعَلَیْہ کان ان جي تعبير معلوم ڪرڻ ويو هئس. پوءِ ان پاڙيسري تعبير بيان ڪئي، چيائين: امام ابن سيرين رَحْمَةُاللّٰہِعَلَیْہ مون کي تسلي ڏني ۽ فرمايو: اي الله پاڪ جا ٻانها! **جنهن جي متعلق تو خواب ڏٺو آهي، اهو تمام وڏي مرتبي واري شخصيت آهي.** پوءِ پاڻ پڇيائون: ڇا ايئن ڪرڻ وارو ماڻهو عالم آهي؟ مون عرض ڪيو: جي ها! اهو تمام وڏو عالم آهي. ان تي امام ابن سيرين رَحْمَةُاللّٰہِعَلَیْہ فرمايو: جنهن شخص بابت تو خواب ڏٺو آهي، اهو علومِ مصطفیٰ جو وارث ٿيندو. دين جي علم کي ايترو ڦهلائيندو جو سڄو جهان روشن ٿي ويندو. سندس شهرت اوير ۽ اولهه تائين پکڙجي ويندي ۽ **جنهن طرف اُن مزارِ پاڪ جي مٽي اڏائي، ان طرف سيني علائقن ۾ علمِ دين جو نور پکڙجي ويندو.**
امامِ اعظم، امام ابو حنيفه رَحْمَةُاللّٰہِعَلَیْہ جڏهن پنهنجي متعلق اهو خواب ۽ ان جي ايمان افروز تعبير ٻڌي تہ شڪر جي جذبي سان سندن چهري تي خوشي پکڙجي وئي. (1)

سِپِهرِ علم و عمل کے سورج تم ہی ہو سب ہیں تمہارے تارے
تم ہی سے چمکا ہے جو بھی چمکا، اِمامِ اعظم ابو حنیفہ!
تمہارے آگے تمام عالَم نہ کیوں کرے زانوئے ادب خَم
کہ پیشوایانِ دین نے مانا، اِمامِ اعظم ابو حنیفہ! (2)

وضاحت: اي پيارا امام اعظم رَحْمَةُاللّٰہِعَلَیْہ! اوهان علم ۽ عمل جي آسمان جا سج آهيو، اُمَّت جا وڏا وڏا عالم اوهان کان روشني وٺندڙ تارا آهن. اوهان جي بعد کان امت علم جي روشني اوهان کان ئي حاصل ڪري رهي آهي. اوهان اهي عظيم الشان آهيو، جنهن کي امت جي وڏن وڏن امامن پنهنجو امام تسليم ڪيو آهي. انهيءَ ڪري سمورو جهان اوهان جو ادب ڪندو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]… مناقب امام اعظم، ص:242۔
[2]… ديوان سالڪ، صفحه:95۔

# امامِ اعظم جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! سِراجُ الاُمَّه (يعني اُمّت جا روشن سج)، اِمَامُ الاَئِمَّه (يعني امامن جا امام)، حضرت امامِ اعظم ابو حنيفه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو۞ نالو مبارڪ: نعمان۞سندن والد گرامي جو نالو: ثابِت جڏهن تہ ۞ڪنيت: ابوحنيفه آهي، اهڙي طرح پورو نالو: ابو حنيفه نعمان بن ثابت آهي. ۞ حضرت امامِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه 70 هجري ۾ عراق جي مشهور شهر ڪوفي ۾ پيدا ٿيا ۽ 80 سالن جي عمر ۾ 2 شعبان 150 هجري تي وفات ڪئي. سندن مزار مبارڪ بغداد شريف ۾ موجود آهي [(1)]

امير اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه امامِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو شان بيان ڪندي لکن ٿا...:

هو نائبِ سرورِ دوعالم، اِمامِ اعظم ابو حنیفہ! | سراجِ اُمّت فقیہِ اَفخم، اِمامِ اعظم ابو حنیفہ!

ہے نام نُعمان ابنِ ثابِت، ابو حنیفہ ہے ان کی کنیت | پکارتا ہے یہ کہہ کے عالَم، اِمامِ اعظم ابو حنیفہ!(2)

سمجهاڻي: حضرت امامِ اعظم ابو حنيفه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه علم ۽ حڪمت ۾ نائبِ رسول آهن، اُمّت لاءِ روشن سج ۽ انتهائي ماهر مفتي ۽ عالمِ دين آهن.

# هر نماز کان پوءِ دعا ڪندا ڪيو!

علامہ خطيب تَبْريزي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: تصوف ۽ طريقت جي امامن جو فرمان آهي تہ مسلمانن تي لازم آهي تہ پنهنجي نماز کان پوءِ امامِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لاءِ دعائون ڪندا ڪن، ڇاڪاڻ تہ امامِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اها عظيم هستي آهن جنهن اُمّت جي خيرخواهي ڪندي سنت ۽ علمِ فقہ جي حفاظت فرمائي. [(3)]

---

[1]… اشکوں کی برسات،صفحہ:2 ۔

[2]… وسائل بخشش، صفحہ:573۔

[3]…الخيرات الحسان،الفصل الثالث عشر،صفحہ:46۔

## امام اعظم رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه تابعي آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا امام، امامِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه تابعي آهن، يعني پاڻ ۞ حضرت انس بن مالڪ حضرت عبدالله زُبيدي، ۞ حضرت جابر بن عبدالله، ۞ حضرت معقل بن يسار رَضِيَ اللهُ عَنْهم جي زيارت ڪئي ۽ انهن مان ڪيترن کان حديثون پڻ ٻڌيون.[(1)] تابعيءَ جي ڪيڏو شان آهي؟ قرآني آيت ٻڌو! الله پاڪ فرمائي ٿو.

وَ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُمْ بِاِحْسَانٍۙ رَّضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَ رَضُوْا عَنْهُ وَ اَعَدَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِیْ تَحْتَهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِیْنَ فِیْهَاۤ اَبَدًاؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِیْمُ(100) (پاره:11،اَلتَّوْبَہ:100)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ مهاجرن ۽ انصارن مان سيني کان پهريان ۽ بيا اهي جيڪي ڀلائي سان ان جي پيروي ڪرڻ وارا آهن انهن سيني کان الله راضي ٿيو ۽ اهي الله کان راضي آهن ۽ انهن جي لاءِ باغ تيار ڪري رکيا آهن جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن، هميشہ هميشہ ان ۾ رهندا، اهائي وڏي ڪاميابي آهي.

مشهور مفسرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه هن آيتِ سڳوريءَ جو خلاصو بيان ڪندي لکن ٿا: يعني اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جي اصحاب سڳورن رَضِيَ اللهُ عَنْهم مان اڳوٽا مهاجرَ ۽ انصاري ۽ اهي ماڻهو جيڪي ڀلائيءَ سان انهن جي پيروي ڪن (مثال طور تابعينِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْهِم) انهن جو شان هي آهي جو الله پاڪ انهن کان راضي ٿي چڪو آهي ۽ اهي الله پاڪ کان راضي ٿي چُڪا (جو الله پاڪ ڪين غريبي، اميري، صحت، بيماري وغيره جنهن حالت ۾ رکي، اهي ان کان راضي آهن ۽ ڪڏهن ڪنهن ڳالهه جي شڪايت نٿا ڪن). الله پاڪ انهن لاءِ اهڙيون جنتون تيار ڪري ڇڏيون آهن، جن جي هيٺان شاخون وهنديون آهن. اهي انهن جنتن ۾ هميشہ هميشہ رهندا. هي نعمتون ملڻ وڏي ڪاميابي آهي.[(2)]

---

[1]...تبيض الصحيفه بمناقب ابی حنيفه،ذکر من ادرکه من الصحابه،صفحه:33ملتقطًا۔

[2]...تفسيرِ نعيمی،پاره:11،التوبه،زيرِ آيت:100،جلد:11،صفحه:28بتغير قليل۔

سُبْحٰنَ الله! تابعي سڳورن جو ڪيڏو شان آهي...! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اسان جا امام، امامِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه به اهڙا ئي آهن. ۞پاڻ صحابه ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهم جي خوب پيروي ڪئي. ۞ انهن کان دين جو علم سکيو، ۞ انهن جي سيرت تي هليا، ۞ صحابه ڪرام کان رهنمائي ورتي، سڄي حياتي عبادت، رياضت ۽ دين جي خدمت ڪندي گذاري. ۞ هميشه الله پاڪ کان راضي رهيا، ڪڏهن به ڪنهن حالت تي شڪايت نه ڪئي. بس رحمان ۽ رحيم رب جي رضا جا طلبگار رهيا. لهٰذا اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! الله پاڪ سندن کان راضي آهي ۽ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! پاڻ جنتي آهن بلڪ الله پاڪ چاهيو ته انهن جي صدقي ۾ اسان گنهگار به بخشيا ويندا سين.

ہو نائبِ سرورِ دو عالم، اِمامِ اعظم ابو حنیفہ!
سِراجِ اُمّت فقیہِ اَفْخَم، اِمامِ اعظم ابو حنیفہ!
جو بے مثال آپ کا ہے تقویٰ، تو بے مثال ہے آپ کا فتویٰ
ہیں علم و تقویٰ کے آپ سَنگم، اِمامِ اعظم ابو حنیفہ! (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## امامِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو علمي مقام

حضرت اَزْهر بن ڪيسان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ پيري منهنجي قسمت جو تارو چمڪيو، مون کي خواب ۾ نبين جي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت نصيب ٿي. شيخينِ ڪريمين يعني حضرت ابوبڪر ۽ عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا به ساڻ هئا، مون حضرت ابوبڪر ۽ عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جي خدمت ۾ عرض ڪيو: مان رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ڪجھ پڇڻ چاهيان ٿو؟ فرمايائون: پڇو، پر آواز گهٽ رکجو. جيئن ته مون ادب سان بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: (يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!) ابو حنيفه جي علم بابت ڇا ارشاد

[1]...وسائلِ بخشش، صفحه:573ملتقطاً۔

آهي؟ فرمايائون: هٰذَا عِلْمٌ اِنْفَتَحَ مِنْ عِلْمِ خِضْرٍ يعني ابو حنيفہ جو علم اهو آهي، جيڪو حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام جي علم مان ڦٽي نڪتو آهي. [1]

سُبْحٰنَ الله! اسان جي امام، امامِ اعظم رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو ڪيڏو شان آهي...!! حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام جو علم ڪيڏو هو هي بہ ٻُڌو! الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَعَلَّمْنٰهُ مِنْ لَّدُنَّا عِلْمًا (سورت الڪهف آيت 65)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ ان کي پنهنجو علم لدني عطا ڪيو.

خبر پئي تہ حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام جو علم، علمِ لَدُنّي (يعني الله پاڪ طرفان عطا ڪيل خاص علم) آهي، جوتہ امامِ اعظم، امام ابو حنيفہ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه کي بہ ان علم مان حصو مليو آهي، تنهن ڪري سندن علم بہ علمِ لدني ئي آهي.

سِراج تو ہے بغیر تیرے جو کوئی سمجھے حدیث و قرآں

پھرے بھٹکتا نہ پائے رستہ اِمامِ اعظم ابو حنیفہ (2)

وضاحت: الله پاڪ طرفان حضرت امام ابو حنيفہ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه کي اهڙو علم عطا ڪيو ويو آهي جنهن جي بدولت اهي آسمانِ علم جا چمڪندڙ سج بڻجي ويا آهن، سندن روشني کان سواءِ جيڪو کو قرآن ۽ حديث سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو، اهو ڀٽڪندو ۽ اهڙو ڀٽڪندو جو ان کي رستو بہ نہ ملندو.

## داڻن سان ڀريل ڏاڙهون ۽ جو مثال

حضرت محمد بن سائِب رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون اڳوڻن آسماني ڪتابن مان ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو آهي تہ اُمَّتِ محمديہ ۾ امام ابوحنيفہ حڪمت ۽ علم سان ائين ڀريل شخص هوندو، جيئن ڏاڙهون داڻن سان ڀريل هوندو آهي [3]

---

1...الخيرات الحسان،الفصل السادس و الثلاثون،صفحہ:96 ملتقطًا۔

2...ديوان سالک، صفحہ:96۔

3... مناقب امام اعظم، ص:53۔

## علم جي آسمان تي چوڏهين جو چنڊ

حضرت ڪَعۡبُ الۡاَحۡبَار رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه، جيڪي تابعي بزرگ آهن، فرمائن ٿا: مون اڳوڻن آسماني ڪتابن ۾ هن امت جي عالمن ۽ فقيهن جا نالا پڙهيا آهن، **انهن ۾ نعمان بن ثابت جو نالو پڻ موجود هو**، انهن جي باري ۾ اڳوڻن آسماني ڪتابن ۾ لکيل هو: ”هِي پنهنجي دور جي سيني علم وارن جا امام هوندا، انهن جي شخصيت علم جي آسمان تي چوڏهين جي چنڊ وانگي چمڪندي، ماڻهو انهن جي زندگي تي رشڪ ڪندا ۽ انهن جي وفات تي به رشڪ ڪندا.“[1]

## مولا عليءَ جي هڪ نصيحت...!!

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهن اسان جا امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه، اهي امام جن جي اسان تقليد ڪندا آهيون، يعني جن جي ڏنل فتوائن تي اسان عمل ڪندا آهيون. اڄڪلهه سوشل ميڊيا جو دور آهي، غير مسلمن جون مختلف سازشون تيزي سان ڪم ڪري رهيون آهن، ماڻهن کي علماءِ ڪرام کان پري ڪرڻ، دين جي وڏي مرتبي وارين هستين کان بدظن ڪرڻ به انهن سازشن جو حصو آهي، هڪ عجيب ماحول بڻجي رهيو آهي، ماڻهو اسان جي اَسلاف ۽ دين جي وڏي مرتبي وارين شخصيتن بابت تمام بيهوده زبان (***Rough language***) استعمال ڪرڻ لڳا آهن. امامِ اعظم امام ابو حنيفه رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي باري ۾ به ڪجهه گستاخيون ظاهر ٿي رهيون آهن. هي هڪ سخت ڳالهه آهي، حديثِ پاڪ ۾ آهي: ”جيڪو اسان جي عالمن جو حق نه ڄاڻي، اهو منهنجي امت مان ناهي.“ هڪ روايت ۾ فرمايو: ”عالم جي حق کي صرف منافق ئي هلڪو ڄاڻيندو آهي.“ مان اوهان کي مسلمانن جي چوٿين خليفي، بابِ مدينة العلم(يعني علم جي شهر جي دروازي) مولىٰ علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جو هڪ فرمان ٻڌايان ٿو، ڪتابن ۾ باقاعده سَنَد سان لکيل آهي ته هڪ ڀيرو مولىٰ علي شيرِ خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمايو: ”عنقريب ڪوفه

---

[1]... مناقب امام اعظم، ص:53۔

۾ هڪ شخص هوندو، ماڻهو ان کي ابو حنيفہ چوندا، اهو پنهنجي دور ۾ اهلِ علم جو سردار هوندو، سيني شهرن جا عالمَ ان کان رهنمائي وٺندا، ۞ اهو علم ۽ حلم(يعني قوّت برداشت) جو خزانو هوندو، ۞پنهنجي علم ذريعي هزارين ماڻهن کي تباهي کان بچائيندو، ڪجھ ماڻهو حسد جي ڪري ان کي برو ڀلو چوندا ۽ پنهنجو ايمان خراب ڪري ڇڏيندا.“ [1]

اَلْاَمَانُ وَالْحَفِيظُ...!! پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي هي شرعي مسئلو آهي، جيڪو عالم کان ان جي علمِ دين سبب بغض رکندو آهي، اهو دائرهٖ اسلام مان نڪري ويندو آهي.[2] ان لاءِ اسان کي هميشہ تمام عاشقانِ رسول علماءِ ڪرام، تمام جي تمام اوَلياءِ ڪرام جو اَدب ڪرڻ گهرجي، ڪنهن جي باري ۾ بہ بيهودا لفظ زبان تي ڪڏهن بہ نہ آڻڻ گهرجن.

## تقليد واجب آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هڪ شرعي مسئلو بہ ذهن ۾ رکجو! تقليد يعني آئمہ مُجتهدين مان ڪنهن هڪ جي فتوا تي عمل ڪرڻ واجب آهي، ضروري آهي.[3] الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَ اُولِي الْاَمْرِ مِنْكُمْ

ترجموڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! الله جي اطاعت ڪيو ۽ رسول جي اطاعت ڪيو ۽ انهن جي جيڪي توهان منجهان حڪومت وارا آهن. (پاره:5، سورۂ نساء:59)

هن آيت جي هڪ تفسير ۾ آهي تہ هتي اولي الامر (يعني حڪومت وارن) مان مراد عالمَ ۽ فقيهہَ آهن.[4]

---

1... مناقب امام اعظم، ص:54۔

2... فتاویٰ رضويہ، جلد:21 ، صفحہ:129۔

3...جاء الحق، صفحہ:23 بتصرف۔

4... جاء الحق، صفحہ:23 بتصرف۔

**تفسير نعيمي ۾ آهي:** يعني اي ايمان وارؤ...!! جيڪڏهن توهان جو ڪنهن مسئلي ۾ اختلاف ٿي وڃي ۽ اهو مسئلو قرآن ۽ سنت ۾ نہ ملي، تہ پوءِ اولي الامر (يعني امت جي عالمن) جي پيروي ڪيو...!![1]

مشهور مفسر قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن ڳالھ کي هڪ مثال سان سمجھائيندي لکن ٿا: جيڪڏهن توهان کي ترڻ جو هنر نٿو اچي تہ سمنڊ ۾ ٽُپو نہ ڏيو! ڪنهن تارُوءَ جا ڪڍيل موتي دڪان تان حاصل ڪيو...!! اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! قرآن ۽ حديث علم جو سمنڊ آهن، امام ابو حنيفہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ان جا تارُو آهن، تنهن ڪري انهن پنهنجي وسيع علم جي ذريعي قرآن ۽ حديث مان جيڪي موتي ڪڍيا آهن، انهن موتين کي قبول ڪيو...![2]

عام طور تي اسان وٽ برصغير جا ماڻھو امام اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي تقليد ڪندا آهن، الله پاڪ اسان کي ان تي استقامت عطا فرمائي.

آمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

نشانِ قدرت، ضیائے وحدت، امامِ اعظم ابو حنیفہ
فقیہِ ملّت سراجِ امّت، امامِ اعظم ابو حنیفہ
ائمہ حق ہیں دست بستہ فقیہِ اعظم کے در پہ حاضر
ہیں سارے حضرت کے اعلیٰ حضرت امامِ اعظم ابو حنیفہ

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سنت کي زنده ڪندڙ

**پيارا اسلامي ڀائرو!** امام جعفر صادق رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جيڪي اهل بيت اطهار رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم

1... تفسیرِ نعیمی، پارہ:5، سورۂ نساء، زیرِ آیت:59، جلد:5، صفحہ:200۔

2... تفسیرِ نعیمی، جلد:5، صفحہ:۔

مان وڏا امام آهن، امام اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کي بہ انهن جي صحبت جو فيض حاصل آهي. هڪ ڀيرو امام اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه، امام جعفر صادق رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، تہ امام جعفر صادق رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڏسندي ئي فرمايو: **مان ڏسي رهيو آهيان تہ تون منهنجي ناني سائين جي سنت کي زنده ڪندين.** [(1)]

## سنت زنده ڪرڻ جا فضائل

سُبۡحٰنَ اللّٰه! اسان جي امام اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي ڪيڏو شان آهي، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! پاڻ سنت کي زنده ڪرڻ وارا آهن. چا اوهان ڄاڻو ٿا تہ سنت کي زنده ڪرڻ واري جي فضيلت ڇا آهي؟ ٻڌو! حديث پاڪ ۾ آهي: ۞جيڪو منهنجي سنت کي زنده ڪندو، اهو قيامت جي ڏينهن عرشِ الٰهي جي ڇانوَ ۾ هوندو.[2] ۞هڪ حديث شريف ۾ آهي: جنهن منهنجي سنت کي زنده ڪيو، ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.[3] ۞ هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي: جنهن منهنجي سنت کي زنده ڪيو، ان کي 100 شهيدن جو ثواب ملندو.[4]

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! اسان جي امام، امام اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه بابت امام جعفر صادق رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي شاهدي موجود آهي تہ پاڻ سنت کي زنده ڪرڻ وارا آهن. اسان جو حُسنِ ظن آهي تہ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! قيامت جي ڏينهن پاڻ عرشِ الٰهي جي ڇانوَ ۾ هوندا، جنت ۾ آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڙي جو شرف ماڻيندا ۽ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! سندن کي ڪيترن ئي شهيدن جو ثواب نصيب ٿيندو.

ڪاش! اسان کي بہ توفيق ملي، تہ اسين بہ سنتون زنده ڪرڻ وارا ٿي وڃون. عمامو ٻڌڻ سنت آهي، ٻڌندا ڪيو! سنت زنده ٿيندي ۞ ڏاڙهي رکڻ سنت آهي،

---

1... مناقب امام اعظم، ص:54۔
2... البدور السافره، صفحه:169-170، حديث:364۔
3... مشكاة المصابيح، كتاب الايمان، جز:1، جلد:1، صفحه:55، حديث:175۔
4... مشكاة المصابيح، كتاب الايمان، جز:1، جلد:1، صفحه:55، حديث:176۔

اڄ ۽ هاڻي کان رکو! سنت زنده ٿيندي ۞ سنت جي مطابق لباس پايو زلفَ رکو! سنت زنده ٿيندي ۞ گهر ۾ اچڻ، وڃڻ، ويهڻ، اٿڻ، هلڻ، سلام ڪرڻ، ڪاڏو ڪائڻ، سڀ ڪجهه سنت مطابق ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! سنتن تي عمل جي سعادت ملندي. پنهنجن ڄاڻڻ وارن، پنهنجي مجيندڙن، عزيزن ۽ رشتي دارن کي سنتن تي عمل جي ترغيب ڏيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! گهر گهر ۾ سنتون عام ٿينديون ۽ الله پاڪ چاهيو تہ سنت زنده ڪرڻ جو ثواب نصيب ٿيندو.

سنتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں | نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان عاشقان رسول سان گڏ قافلن ۾ سفر ڪي پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيون، تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! سنتون سکڻ جي سعادت بہ ملندي، انهن تي عمل جو جذبو بہ نصيب ٿيندو ۽ ساڳئي وقت سنتن جو پيغام ٻين تائين پهچائڻ جي سعادت بہ حاصل ٿيندي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ 3 ڏينهن، 12 ڏينهن، 1 مهينو ۽ 12 مهينن جا قافلا سفر ڪندا رهندا آهن. اوهان بہ پنهنجو ذهن ناهيو! گهٽ ۾ گهٽ هر مهيني 3 ڏينهن جي قافلي ۾ تہ لازمي سفر ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! بي حساب ثواب نصيب ٿيندو.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
چاہو گر برکتیں قافلے میں چلو | پاؤ گے عظمتیں قافلے میں چلو
بارہ مہ کیلئے تیس دن کیلئے | بارہ دن دے ہی دیں قافلے میں چلو
سنّتیں سیکھنے تین دن کیلئے | ہر مہینے چلیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## امام اعظم جو ڪردار، فيضانِ صديقِ اڪبر

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

جي تمام ئي پيارِي حديث پاڪ آهي، جنهن ۾ فرمايائون: اَصۡحَابِي كَالنُّجُومِ بِاَيِّهِمُ اقۡتَدَيۡتُمُ اِهۡتَدَيۡتُمۡ يعني منهنجا صحابي تارن وانگر آهن، اوهان انهن مان جنهن جي به پيروي ڪندؤ، هدايت حاصل ڪندؤ. [1]

جيئن ته مسلمانن جو پهريون خليفو حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ سڀني صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنۡهُمۡ کان افضل آهن. پاڻ ٻنهي جهانن جي آقا، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي مزاج پاڪ کان گهڻي واقفيت رکندا هئا. تنهنڪري امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حديثِ رسول تي عمل ڪندي، حضرت صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کي پنهنجو آئيڊيل ٻڌايو. سندن اهو معمول مبارڪ هيو ته پنهنجي زندگي جي هر معاملي ۾ حضرت صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي سيرت مان رهنمائي حاصل ڪندا هئا. [2]

| | | | |
|---|---|---|---|
| ہر صحابیِ نبی! | جنّتی! جنّتی! | سب صحابیات بھی! | جنّتی! جنّتی! |
| چار یارانِ نبی! | جنّتی! جنّتی! | حضرت صدیق بھی! | جنّتی! جنّتی! |
| اور عمر فاروق بھی! | جنّتی! جنّتی! | عثمان غنی! | جنّتی! جنّتی! |
| فاطمہ اور علی! | جنّتی! جنّتی! | ہیں حسن حسین بھی! | جنّتی! جنّتی! |
| والدینِ نبی! | جنّتی! جنّتی! | ہر زوجۂ نبی! | جنّتی! جنّتی! |
| اور ابو سُفیان بھی! | جنّتی! جنّتی! | ہیں مُعاوِیہ بھی! | جنّتی! جنّتی!(3) |

## صديق جي پيروي جو قرآني حڪم

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي به گهرجي ته صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنۡهُمۡ مان ڪنهن

1... المؤتلف و المختلف للدارقطنی، باب الغين، جلد:4، صفحه:1778۔
2... مناقب امام اعظم، ص:102۔
3... وسائلِ فردوس، صفحه:53۔

صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي پنهنجو آئيڊيل بڻايون.اِنۡ شَآءَ اللّٰہُ الۡکَرِیۡم! جنهن به صحابي جو دامن پڪڙينداسين، سڌو جنت ۾ پهچي ويند اسين ۽ جيسيتائين ڳالهه آهي حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي...!! انهن جو ته ڪيڏو ئي اونچو شان آهي! سيپارو: 21، سورة لقمان، آيت: 15 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَّ اتَّبِعۡ سَبِیۡلَ مَنۡ اَنَابَ اِلَیَّ ۚ (پاره:21،سورة لقمان:15)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ مون ڏانهن رجوع ڪرڻ واري انسان جي رستي تي هل.

سُلطانُ المُفَسّرين، حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا فرمائن ٿا: هن آيتِ سڳوريءَ ۾ مَنۡ اَنَابَ اِلَیَّ يعني الله پاڪ ڏانهن رجوع ڪندڙ مان مراد حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ آهن.[1] يعني هن آيت ۾ حڪم ڏنو پيو وڃي ته اي انسانؤ...!! ابو بڪر صديق جي پيروي اختيار ڪيو...!!

سُبۡحٰنَ الله! مسلمانن جي پهرئين خليفو حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي ڪيڏو بلند شان آهي...! ٿورو تصور ته ڪيو! الله پاڪ جيڪو تمام جهانن جو رب آهي، اهو حڪم ڏئي ٿو ته اسان جي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي پياري صحابي ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي رستي تي هلو...! معلوم ٿيو ته حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ سچي رستي جا مسافر آهن، حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو رستو سڌو جنت جو رستو آهي، حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو رستو الله پاڪ تائين پهچائڻ وارو رستو آهي. تنهنڪري جيڪو به حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي نقشِ قدم تي هلندو، اهو الله پاڪ ڏانهن رجوع ڪندڙ ٿيندو ۽ الله پاڪ جي چاهيو ته ضرور الله پاڪ جي بارگاهه ۾ بلند مقام وارو ٿي ويندو.

نہایت متقی وپارسا صدیقِ اکبر ہیں
تَقی ہیں بلکہ شاہِ اَتقیا صدیقِ اکبر ہیں
اَمیرُالْمُؤمِنِیں ہیں آپ اِمامُ الْمُسْلِمِیں ہیں آپ
نبی نے جنّتی جن کو کہا صدیقِ اکبر ہیں

1... تفسیر بغوی، پارہ:21، سورۂ لقمان، زیرِ آیت:15، جلد:3، صفحہ:509۔

سبھی اصحاب سے بڑھ کر مُقَرَّب ذات ہے انکی | رفیقِ سرورِ اَرض و سما صدیقِ اکبر ہیں(1)

پيارا اسلامي ڀائرو! امام اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن صديق اکبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي سيرت کي پنهنجو آئيڊيل بڻايو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ان جو فيض ڪين اهو مليو جو جيئن حضرت صديق اکبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تمام گهڻيون خوبيون رکندا هئا، سندن جي صدقي امام اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه به تمام گهڻين خوبين جا مالڪ بڻجي ويا. اچو! امام اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي سيرت پاڪ جا ڪجهه اهم پهلو ٻڌون ٿا:

## امام اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پياري سيرت

امام اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جا خاص شاگرد امام ابو يوسف رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: (1) امام اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حرام ڪمن کان هميشه بچندا هئا. (2) علمِ دين کان علاوه ڳالهائڻ کان ڊڄندا هئا. (3) تمام گهڻو مجاهدو (يعني نيڪ ڪمن ۾ تمام گهڻي ڪوشش) ڪندا هئا. (4) دنيا دارن جي سندن چهري تي تعريف نه ڪندا هئا. (5) اڪثر خاموش رهندا هئا. (6) ديني مسئلن تي غور ۽ فڪر ڪندا رهندا هئا. (7)تمام سادي ۽ نرم طبيعت وارا هئا. (8) جيڪڏهن ڪو سوال ڪندو هو، ته قرآن ۽ حديث مان جواب ڳولي ڏيندا هئا. (9) طبيعت ۾ لالچ نه هوندي هئي. (10) ڪنهن جو به ذڪر ٿيندو هو ته ان ۾ سواءِ ڀلائيءَ جي ٻيو ڪجهه نه چوندا هئا.[2]

## 10 هزار مون معاف ڪيا

امامِ اعظم امام ابو حنيفه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه انتهائي سخاوت پسند هئا. سندن عادت مبارڪ هئي ته ۞ جيترو مال پنهنجي اهل و عيال تي خرچ ڪندا هئا، اوترو ئي صدقو ڪندا هئا. ۞ جڏهن ڪو نئون ڪپڙو پائيندا هئا، ته اوترو ڪپڙو عالمن ڪي خريد ڪري ڏيندا هئا. جڏهن سندن اڳيان کاڌو رکيو ويندو هو ته جيڪو پاڻ

---

1... وسائلِ بخشش، صفحه:565-566ملتقطاً۔

2... الخيراتِ الحسان،الفصل الرابع و العشرون،صفحه:82 ملتقطًا۔

ڪائيندا، اوترو ئي ڪنهن غريب کي پڻ ڪارائيندا هئا.[1]

## پلائي ڪرڻ جو نرالو انداز

امامِ اعظم رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جي عادت مبارڪ هئي تہ ماڻهن سان پلائي ڪندا هئا. هڪ دفعي هڪ شخص سندن خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪيو: "سائين! مون کي بهترين ڪپڙن جي ضرورت آهي، مهرباني ڪري مون تي احسان ڪيو! امام اعظم رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه چيو: نيڪ آهي، تون ٻن هفتن کانپوءِ اچجانءِ. اهو شخص ٻہ هفتن کانپوءِ وري آيو، امام اعظم رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه چيو: سڀاڻي اچجانءِ جڏهن اهو واپس آيو، امام اعظم رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه کيس بهترين ڪپڙا ۽ ڪجهہ نقد پيسا ڏنا. ان ڪپڙا تہ قبول ڪيا پر نقدي وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، امام اعظم رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه چيو: مون پنهنجي تجارت ۾ توهان جي نالي جو ڪجهہ مال شامل ڪيو هو، اُن جو جيڪو منافعو مليو، ان مان تنهنجا ڪپڙا خريد ڪيا، بچيل رقم توهان جي آهي. اهو ٻڌي، ان شخص نقدي ۽ ڪپڙا خوشي سان قبول ڪري، دعائون ڏيندو هليو ويو.

امام اعظم رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه چاهن ها تہ کيس ڪپڙا بہ ڏئي سگهيا پيا، ان کي مال بہ ڏئي سگهيا پئي، پر پاڻ ان شخص جي نالي سان تجارت ڪئي، ان ۾ ڇا حڪمت هئي؟ جڏهن ان جي باري ۾ سوال ڪيو ويو تہ امام اعظم رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه چيو: اُن چيو هو تہ مون تي احسان ڪر. تنهن ڪري، پلائيءَ جي اهائي صورت هئي.[2]

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيڏي پياري ڳالهہ آهي، اهو شخص آيو تہ مدد وٺڻ لاءِ هو، پر امامِ اعظم رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه ان سان ڪيڏي چڱائي ڪئي، ان لاءِ واپار ۾ مال شامل ڪيو ۽ سڄو نفعو کيس عطا ڪري ڇڏيو. ان کي چوندا آهن: پلائي ڪرڻ. ڪاش! اسان بہ ٻين سان پلائي ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. جيترو ٿي سگهي، ٻين کي فائدو پهچائڻ جي ڪوشش ڪيون ۽ اهو ڪم اختيار ڪيون

[1]...تاريخِ بغداد، جلد:13، صفحہ:356 ملتقطًا۔

[2]...مناقبِ امام اعظم، ص:277۔

جنهن ۾ ٻين جو وڏيڪ فائدو هجي، جيئن غريب کي ڪجهه پيسا ڏئي ڇڏيا! هي يقينًا سندن مدد آهي، اهو بہ ثواب جو ڪم آهي، پر جيڪڏهن الله پاڪ همت ڏني آهي تہ ان کي ننڍڙو ڪاروبار شروع ڪري ڏيو، ٿورو گهڻو راشن جو سامان ڏيارڻ تہ جيئن سندن ٻارن جو خرچ هلندو رهي ، يقيناً ان ۾ غريب جو وڏيڪ فائدو آهي. ان ڪري جيستائين ممڪن هجي، ٻين کي وڏيڪ فائدو پهچائڻ جي ڪوشش ڪيو.

## ڪنهن جي مجبوريءَ مان فائدو نہ وٺو!

اسان جي معاشري ۾ گهڻا ماڻهو ٻين جي مجبوري مان فائدو وٺندا آهن. ۞پنهنجن مائٽن ۾ ڪو ويچارو غريب آهي تہ ان جي غربت مان فائدو وٺندي گهٽ پگهار تي ان کان ڪم وٺندا آهن، ۞ ڪنهن غريب کي نوڪري وٺرائي ڏني، ۽ ان جي ماهوار پگهار (*Selri*) مان حصو وصول ڪرڻ تہ مون توکي نوڪري وٺرائي ڏني هئي، ۞ ڪو ويچارو گهٽ لکيل پڙهيل آهي تہ ان جي لاعلمي جو فائدو وٺندي ان کي ڌوکو ڏيڻ. ۞ وياج جيڪو حرام آهي، اهو مڪمل طور مجبوري جو فائدو وٺڻ جو نالو آهي، ڪنهن ويچاري کي قرض جي ضرورت آهي ماڻهو ان کي قرض ڏيئي ان تي نفعو حاصل ڪندا آهن اهو ئي تہ وياج آهي، ۞ ڪو ماڻهو ڪنهن مسئلي ۾ ڦاسي پيو آهي مجبورن پنهنجو سامان ڪپائي رهيو آهي، ماڻهو ان جي مجبوريءَ مان فائدو وٺندي ان کان سستيون شيون خريد ڪندا آهن، اهڙي طرح اسان جي معاشري ۾ ڪيئي صورتون موجود آهن جو ماڻهو ٻين جي مجبوريءَ جو فائدو وٺندا آهن جيڪا تمام غلط ڳالهہ آهي.

## جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪيو اهوئي ٻين لاءِ بہ

هڪ حديثِ پاڪ جيڪڏهن اسان پنهنجي ذهن ۾ ويهاري ڇڏيون ۽ ان کي پنهنجي زندگيءَ ۾ نافذ ڪري ڇڏيون تہ يقين ڪيو! اسان جو سڄو معاشرو پرسڪون ۽ امن وارو ٿي سگهي ٿو. اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فرمايو: لَايُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى يُحِبَّ لِاَخِيهِ مَا يُحِبُّ لِنَفْسِهٖ يعني توهان مان ڪو به ان وقت تائين (ڪامل) ايمان وارو نه ٿو ٿي سگهي جيستائين پنهنجي مسلمان ڀاءَ لاءِ اها شيءِ پسند نه ڪري جيڪا پنهنجي لاءِ پسند ڪندو آهي.[1]

ڪيڏو نه پيارو اصول آهي. ان لاءِ اسان کي گهٽي ڇاڻ جي ضرورت نه آهي، بس پنهنجي پاڻ تي غور ڪيون! جيڪي ڪجهه پاڻ لاءِ پسند ڪيون ٿا، اهو ئي ٻين لاءِ به پسند ڪيو! مثال طور: ڪو اسان کي ڌوڪو ڏئي، ڇا اسان اهو پسند ڪيون ٿا؟ نه...!! ته پوءِ ٻين کي به ڌوڪو نه ڏيو! ۞ ڪو ماڻهو اسان کي گار ڏئي، ڇا اسان کي اهو پسند آهي؟ نه...!! ته پوءِ ٻين کي به گار نه ڏيو! ۞ ڪو ماڻهو اسان سان ڪوڙ ڳالهائي، ڇا اسان کي اهو پسند آهي؟ نه...!! ته پوءِ ٻين سان به ڪوڙ نه ڳالهايو! ڪو ماڻهو اسان کي تڪليف پهچائي، ڇا اسان اهو پسند ڪيون ٿا؟ نه...!! ته پوءِ ٻين کي به تڪليف نه پهچايو! ۞ ڪو ماڻهو اسان جي مجبوريءَ جو فائدو وٺي، ڇا اسان کي اها ڳالهه پسند آهي؟ نه آهي، ته پوءِ ٻين جي مجبوريءَ جو به فائدو نه وٺو! ۞ جڏهن اسان بازار وڃون، دڪاندار اسان کي گهٽ قيمت واري شيءِ وڌيڪ پئسن ۾ ڏئي، خراب شيءِ کي سٺي ۽ اعليٰ معيار واري ٻڌائي ڏئي، ڇا اسان اهو پسند ڪنداسين؟ هرگز نه ڪنداسين. ته پوءِ ٻين سان به ائين نه ڪيو! ائين بس سوچيندا وڃو، جيڪي ڪجهه پاڻ لاءِ پسند ڪيو ٿا، اهو ئي ٻين لاءِ پسند ڪيو، جيڪو پاڻ لاءِ پسند نه ٿا ڪيو ، اهو ٻين لاءِ به پسند نه ڪيو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪامل مؤمن ٿي ويندا سين.

## پيسا واپس ڪرڻ لاءِ مديني پهچي ويا

هن حوالي سان امامِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو هڪ خوبصورت واقعو ٻڌو! هڪ شخص مديني پاڪ جو رهاڪو هو، ان کي هڪ خاص قسم جي ڪپڙي جي ضرورت پيش آئي. هن اُن ڪپڙي کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪيس ڪٿي به نه مليو. پوءِ هن کي معلوم ٿيو ته اهو ڪپڙو صرف امام ابو حنيفه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

[1] بخاری، کتاب بدء الایمان، باب من الایمان ان یحب...الخ ، صفحه:74، حدیث:13۔

وٽان ملي سگهي ٿو. تنهن ڪري هو ڪوفي پهتو، جتي امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي دڪان تي آيو. ان وقت امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه دڪان تي موجود نہ هئا، پر شاگرد دڪان تي موجود هو. ان شخص کي ڪپڙو پسند آيو ۽ شاگرد جنهن ڪپڙي جي قيمت 400 درهم هئي، ان کي 1000 درهم ۾ وڪڻي ڇڏيو. اهو شخص خوش ٿي ڪري ڪپڙو وٺي هليو ويو.

ان واقعي کي ڪافي ڏينهن گذري ويا امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جڏهن شاگرد کان ان ڪپڙي جي باري ۾ پڇيوتہ اُن ٻڌايو تہ ان کي 1000 درهم ۾ وڪڻي ڇڏيو هو. اهو ٻڌندي ئي امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کي جلال اچي ويو. پاڻ شاگرد تي ڪاوڙ ڪئي ۽ ڪيس چيو تہ تون ڌوڪو ڏين ٿو، وڌيڪ قيمت وٺين ٿو، تنهن ڪري اڄ کان پوءِ تون منهنجي دڪان تي ڪم نٿو ڪري سگهين. اهو چوندي امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه شاگرد کي ڪم تان فارغ ڪري دڪان بند ڪري فوراً مديني پاڪ روانا ٿي ويا.

مديني ۾ پهچي، امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ان شخص کي ڳولڻ شروع ڪيو. ڳولا ڪندي هو مسجد ۾ پهتو جتي اهو شخص ان ڪپڙي جي چادر ويڙهي نماز پڙهندي نظر آيو. امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه بہ مسجد ۾ داخل ٿي نفل پڙهيا. جڏهن اهو شخص نماز کان فارغ ٿيو تہ امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ان اڳيان 1000 درهم رکيا ۽ چيو، هي ڪپڙو مون کي واپس ڏئي ۽ رقم واپس وٺو! ان شخص جواب ڏنو، مان ان ڪپڙي کي ڪيترن ڏينهن کان استعمال ڪري رهيو آهيان ۽ جنهن قيمت تي مون ان کي خريد ڪيو آهي، مان ان تي راضي آهيان، تنهن ڪري مان اهو ڪپڙو واپس نٿو ڪري سگهان. امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ان سان بحث ڪيو ۽ آخرڪار 600 درهم ان کي واپس ڪيا ۽ ڪوفي واپس روانا ٿي ويا.[1]

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيڏو پيارو انداز آهي، توهان غور ڪيو، موجوده نقشي مطابق، ڪوفي کان مديني جو فاصلو 1443 ڪلوميٽر آهي. اهو

[1] مناقبِ امامِ اعظم، ص:213۔

ڪيترو ڏکيو سفر آهي! اهو شخص جنهن ڪپڙو خريد ڪيو، پنهنجي مرضي سان خريد ڪيو هو، پنهنجي مرضي سان قيمت ادا ڏئي ويو هو، اسان وٽ ائين ٿئي وڃي ته ماڻهو خوش ٿيندا آهن ۽ ڪيئي ته فخر پڻ ڪندا آهن ته مون اڄ هيٽري جو چونو لڳايو بلڪ جيڪڏهن مارڪيٽ جي ڳالهه ڪئي وڃي ته ماڻهو پنهنجي دڪان تي اهڙا ئي ملازم پسند ڪندا آهن جيڪي گهٽ قيمت واري شيءِ کي وڌيڪ پئسن ۾ وڪڻي سگهن، جيڪي وڌيڪ صفائي سان ڏوکو ڏيڻ ڄاڻندا هجن، انهن کي مارڪيٽ ۾ وڌيڪ اهميت ڏني ويندي آهي. پرهي اسان جا امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه هئا، پاڻ 14 سؤ 43 ڪلوميٽر جو سفر ڪيو، خريدار کي 600 درهم واپس ڪيا، تڏهن وڃي ڪين سُڪون ۽ اطمينان نصيب ٿيو، ڪاش! اسان سيني کي به اهڙي سعادت نصيب ٿئي. ڪاش! اسان ٻين لاءِ به اهو پسند ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪيون ٿا. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ.

## والده سائڻ سان سٺو سلوڪ

پيارا اسلامي ڀائرو! امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه جي هڪ ٻي خوبصورت عادت هئي ته پاڻ والدين سان تمام نيڪ سلوڪ ڪندا هئا. پاڻ ماشاءالله پنهنجي زماني جي سيني عالمن جا سردار هئا پر ائين ٿيندو آهي ته پٽ ڪيڏو به وڏو ڇو نه ٿي وڃي، ماءُ لاءِ اهو هميشه ٻار ئي هوندو آهي. ڪتابن ۾ لکيل آهي ته امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه جي والده سائڻ جڏهن ڪنهن مسئلي بابت سوال ڪرڻ چاهينديون هيون، ته اهي پنهنجي شهزادي کان سوال نه ڪنديون هيون، پر پاڻ امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه کي چونديون هيون پٽ! مون کي فلاڻي مفتي صاحب ڏي وٺي هل، مون کي مسئلو پڇڻو آهي.

هاڻي امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه جي عاجزي ۽ اَدب وارو انداز ڏسو، پاڻ پنهنجي والده کي مفتي صاحب ڏي وٺي ويندا هئا، پردي سان والده مسئلو پڇنديون هيون، ڪيئي دفعا ائين به ٿيندو هو ته مسئلو مشڪل هوندو هو، مفتي صاحب

کي بہ ان جو جواب نہ ايندو هو تہ امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه هک طرف ٿي کري مفتي صاحب کي جواب ٻڌائيندا ۽ فرمائيندا هئا: توهان امان سائڻ کي هيئن جواب ڏيو! (1)

سُبۡحٰنَ الله! امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جو ڪيڏو شان آهي...!! پاڻ پنهنجي زماني جا وڏا عالمِ دين آهن ۽ والده جي اڳيان ڪيئن اٽڃاڻ بڻجي ويندا هئا. اسان وٽ تہ ائين ٿيندو آهي جو ڪو چار ڊگريون حاصل ڪري وٺندو آهي تہ انهن کي والدين جاهل نظر ايندا آهن. ۞بابا سائين! توهان کي ڪهڙي خبر؟ ۞توهان پراڻي زماني جا آهيو، هاڻي زمانو بدلجي چڪو آهي، ۞هاڻي تہ ٽيڪنالوجي(*Technology*) جو دور آهي، توهان اڃا بہ پراڻي زماني ۾ رهندا آهيو. اهڙا بي ادبي وارا جملا ڳالهائيندا آهن.

الامان والحفيظ...!! اڙي ادا! ڪجھ سوچ تہ سهي۞ جن اسان کي هلڻ سيکاريو،۞ جن پاڻ بکيو رهي اسان کي پاليو، ۞پنهنجن خواهشن ۽ ضرورتن کي قربان ڪيو، ۞ محنت سان اسان کي پڙهائي، لکائي وڏو ڪيو، ايتريون ساريون ڊگريون ڏياريون، ڇا اهي ئي آهن جن کي ڪجھ نٿو اچي؟ هي ڳالھ ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو! جيڪو پڙهيل لکيل شخص پنهنجي والدين کي جاهل سمجهي، اهو پلي ڪيترو بہ پڙهيل هجي، حقيقت ۾ علم جي نور کان محروم آهي.

## پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي والده سائڻ سان محبت

توهان کي خبر آهي ڪائنات ۾ سڀ کان وڏا عالم ڪير آهن؟ منهنجا ۽ اوهان جا آقا، مکي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!! جن کي اڳين ۽ پوين جا سمورا علمَ عطا ڪيا ويا. جن جي باري ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَعَلَّمَكَ مَا لَمۡ تَكُنۡ تَعۡلَمُؕ (پاره:5، سورة نساء:113)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ اوهان کي اهو سڀ ڪجھ سيکاريو جيڪو اوهان نہ ڄاڻيندا هُيؤ.

---

1... مناقبِ امامِ اعظم، ص:213.

دنيا جو ڪو بہ ذرو آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي علم کان لڪيل ناهي. هيءُ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي علم جو شان آهي، ڪائنات ۾ پاڻ سڳورن کان افضل نہ ڪو ٿيو آهي ۽ نہ ڪو ٿي سگهي ٿو. ان اعليٰ فضيلت، مقام ۽ مرتبي جي باوجود ڏسو مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خواهش ڪيڏي پياري آهي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: منهنجي دل چئي ٿي تہ ڪاش منهنجي امڙ سائڻ حيات هجي ها، مان نماز پڙهي رهيو هجان ها، منهنجي امڙ سڳوري سَيِّده آمنہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا مون کي سڏين ها تہ مان نماز ڇڏي جلد امڙ وٽ پهچي وڃان ها.[1] هيءَ آهي سيرتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سبق...! اصل ۾ پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي سيکاري رهيا آهن تہ، اي منهنجا غلامؤ...! اوهان پلي ڪيترا بہ اعليٰ ٿي وڃو، اوهان کي ڪيتريون بہ ڊگريون ملي وڃن، ڪيترا بہ وڏا آفيسر ٿي وڃو، ان جي باوجود والدين جو ادب ۽ احترام هميشہ ڪرڻو ئي آهي.

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ اهم شرعي مسئلو

هتي هڪ شرعي مسئلو ٻڌي وٺو!

۞ جيڪڏهن ماءُ پيءُ ڪنهن وڏي مصيبت ۾ هجن ۽ پٽ کي سڏ ڪن، ان وقت پٽ جيتوڻيڪ فرض نماز پڙهي رهيو هجي تہ حڪم آهي تہ نماز ٽوڙي ماءُ پيءُ جي خدمت ۾ پهچي، پوءِ نماز ٻيهر پڙهي. ۞ جيڪڏهن نفل نماز پڙهي رهيو هجي ۽ ماءُ پيءُ کي اهو معلوم نہ هجي تہ هو نفل نماز پڙهي رهيو آهي، اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن معمولي طور بہ سڏ ڪن تہ حڪم آهي تہ نفل نماز ٽوڙي پهريان ماءُ پيءُ جي خدمت ۾ حاضر ٿئي. ياد رکو! جيڪڏهن نفل نماز ٽوڙي

---

[1] شعب الايمان، باب فی بر الولدين، جلد:6، صفحہ:195، حديث:7881۔

چڏي تہ ان جي قضا ڪرڻ واجب ٿيندي.[1]

## اعلیٰ حضرت ۽ والده سڳوريءَ جو ادب

پنهنجي دور جا تمام وڏا، بلڪ سيني کان وڏا عالم، مُفتي، مُحدّث، مُفسّر ۽ شاعر آهن، ڪير؟ اسان جا امام، نائبِ امامِ اعظم، اعلیٰ حضرت شاهَ احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ. هڪ ڀيري پاڻ پنهنجي گهر ۾ ئي پنهنجي شهزادي کي پڙهائي رهيا هئا. شهزادو سبق ياد نہ ڪري سگهيو، تنهن ڪري پاڻ ڪيس سيکارڻ جي نيت سان هلڪي چپاٽ هنئين. عام طور تي ڏاڏين کي پنهنجي پوٽن سان گهڻو پيار هوندو آهي، جيئن تہ جڏهن اعلیٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ پنهنجي شهزادي کي چپاٽ هنئي تہ والده سائڻ يعني شهزادي جي ڏاڏي صاحبه رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہا پرسان ئي موجود هئي، ان اعلیٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي پنيءَ تي هڪ چماٽ هنئي ۽ فرمايو: منهنجي پوٽي کي ڇو ٿو مارين؟

جيڪڏهن اسان مان ڪو هجي ها تہ شايد ڪاوڙجي وڃي ها، ۽ شايد چار ڏينهن تائين ماءُ سان ڳالهائڻ بہ بند ڪري ڇڏي ها، پر هي اعلیٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ هئا، جن کي علم جو نور نصيب هو. جيئن تہ پاڻ والده جو ادب ڪندي ٻيهي رهيا، هٿ ٻڌي ورتا ۽ ادب سان عرض ڪيو: امڙ! مون کي اجا بہ ماريو...!![2]

سُبۡحٰنَ اللّٰہ! هيءُ آهي والدين جو ادب. جن کي علم جو نور نصيب ٿيندو آهي، اهي پنهنجي ماءُ پيءُ جو اهڙي طرح ئي ادب ڪندا آهن. الله پاڪ اسان کي بہ والدين جو ادب ۽ احترام ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1 بہارِ شريعت، جلد:1، صفحہ:637-638، حصہ:3بتصرف۔

2 فيضان اعلی حضرت، صفحہ:209-210 ملخصاً۔

## سڄي سڄي رات عبادت

پيارا اسلامي ڀائرو! امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه تمام وڏا عالم هئا، پاڻ سڄو ڏينهن دين جو علم سکڻ ۽ سيکارڻ ۾ مصروف رهندا هئا، يقيناً هي بہ عبادت آهي. ان سان گڏوگڏ پاڻ سڄي سڄي رات عبادت پڻ ڪندا هئا. علامہ ابن حجر هيتمي شافعي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه لکن ٿا: امامِ اعظم ابو حنيفہ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جو سڄي رات عبادت ڪرڻ ۽ تهجد پڙهڻ تواتر سان ثابت آهي جو پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه 30 سال تائين هڪ ئي رڪعت ۾ مڪمل قرآن پڙهندا رهيا ۽ 40 سال تائين عشاء جي وضو سان فجر جي نماز پڙهي. [1] ۞هڪ ڀيري حضرت عبدالله بن مبارڪ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي سامهون ڪنهن شخص امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي غيبت ڪئي تہ پاڻ فرمايائون: توتي افسوس آهي جو تون اهڙي شخص جي غيبت ڪرين ٿو جنهن 45 سالن تائين هڪ ئي وضو سان پنجن ئي وقتن جون نمازون پڙهيون ۽ هڪ رڪعت ۾ قرآن پاڪ ختم فرمائيندا هئا ۽ جيڪو ڪجهہ مون کي فقہ جو علم آهي، اهو سڀ مون انهن کان حاصل ڪيو آهي. [2] ۞پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه رات جو هڪ ئي رڪعت ۾ قرآن شريف پڙهندا هئا ۽ الله جي خوف کان ايترو روئندا هئا جو پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي پاڙيسرين کي بہ سندن تي رحم اچڻ لڳندو هو. [3]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## امام اعظم جو معمول مبارڪ

حضرت مسعر بن ڪِدام رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مان امامِ اعظم ابو حنيفہ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي مسجد ۾ حاضر ٿيس، ڏٺم تہ فجر جي نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه سڄو ڏينهن ماڻهن کي علمِ دين پڙهائيندا رهيا، هن دوران رڳو نماز

[1]... الخيرات الحسان،الفصل الرابع عشر،صفحہ:50ملتقطًا۔
[2]...الخيرات الحسان،الفصل الرابع عشر،صفحہ:50۔
[3]...الخيرات الحسان،الفصل الرابع عشر،صفحہ:50۔

جي وقفي لاءِ وٺي ٿيندي هئي. عشاء جي نماز کان پوءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجي گهر ويا. ٿوري ئي دير کان پوءِ سادا ڪپڙا پائي مسجد واپس آيا ۽ نفل پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويا، ايتري قدر جو صبح صادق ٿي وئي. پوءِ گهر واپس ويا، ڪپڙا تبديل ڪري وري واپس آيا ۽ فجر جي نماز جماعت سان ادا ڪري، گذريل ڏينهن وانگر عشاء تائين درس ۽ تدريس جاري رکيو.

مون سوچيو ته پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه تمام گهڻو ٿڪجي پيا هوندا، اڄ رات ضرور آرام ڪندا، پر ٻي رات به ساڳيو معمول رهيو. پوءِ ٽيون ڏينهن ۽ رات به اهڙيءَ طرح گذري. مان تمام گهڻو متاثر ٿيس ۽ مون فيصلو ڪيو ته سڄي عمر سندن خدمت ۾ رهندس.

جيئن ته مون انهن جي مسجد ۾ ئي مستقل قيام اختيار ڪري ورتو. منهنجي قيام دوران، مون امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کي ڏينهن ۾ ڪڏهن به بغير روزي جي يا رات ۾ عبادت ۽ نفلن کان غافل نه ڏٺو. البته ظهر کان پهريان پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ٿورو آرام ڪندا هئا.(1)

## 30 سال مسلسل روزا

منقول آهي: پاڻ مسلسل 30 سال روزا رکيا، 30 سال تائين هڪ ئي رڪعت ۾ قرآنِ پاڪ ختم ڪندا رهيا، 40 سالن تائين عشاء جي وضو سان فجر جي نماز ادا ڪئي، جنهن مقام تي سندن وصال ٿيو، اتي 7 هزار ڀيرا قرآنِ پاڪ ختم ڪيو. (2)

ہمارے آقا ہمارے مولیٰ امام اعظم ابو حنیفہ
ہمارے ملجاء ہمارے ماویٰ امام اعظم ابو حنیفہ
زمانہ بھر نے زمانہ بھر میں بہت تجسس کیا و لیکن
ملا نہ کوئی امام تم سا امام اعظم ابو حنیفہ

---

1… اَلْمَناقِب لِلْمُوَفَّق ج ۱ ص ۲۳۰تا۲۳۱ ۔
2… ا اشکوں کی برسات ۔

نہ کیوں کریں ناز اہل سنت کہ تم سے چمکا نصیبِ امت
سراجِ امت ملا ہو تم سا امام اعظم ابو حنیفہ

# شعبان شريف جون ڪجھ عبادتون

الله پاڪ اسان کي گهڻي عبادت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! شعبان شريف جي آمد آهي. شعبان شريف تمام وڏو ۽ بابرڪت مهينو آهي. ان ۾ خير ۽ برڪت جو مينهن وسندو آهي. آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: شَعْبَانُ الْمُطَهِّرُ وَرَمَضَانُ الْمُكَفِّرُ شعبان پاڪ ڪندڙ آهي ۽ رمضان گناهن جو ڪفارو آهي.[(1)]

هن بابرڪت مهيني ۾ عبادت جي ڀرپور ڪوشش ڪيو. شعبان شريف جون چار تمام اهم عبادتون آهن. زياده نه ٿي سگهي ته گهٽ ۾ گهٽ اهي چار عبادتن ئي جو معمول بڻايو، ان شاء الله الڪريم، ان سان تمام گهڻيون برڪتون نصيب ٿينديون.

## (1): درود جي ڪثرت

سرڪارِ غوثِ اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هو شَهْرُ الصَّلَاةِ عَلَى النَّبِيِّ يعني شعبان سرڪارِ دوعالم، جانِ جان ۽ جانِ ايمان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تي درود پڙهڻ جو مهينو آهي.[(2)] لهٰذا هن بابرڪت مهيني ۾ درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪيو. حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو هڪ ڀيرو درود شريف پڙهندو، ان تي 10 رحمتون نازل ٿينديون، ان جا 10 درجا بلند ڪيا ويندا، ان لاءِ 10 نيڪيون لکيون وينديون ۽ ان جا 10 گناهه مٽايا ويندا.[(3)]

---

[1] ...جامع صغير، صفحه:301، حديث:4903۔

[2] ...غنية طالبى، مجلس فى فضل شهر شعبان، جلد:1، صفحه:342۔

[3] ...ترمذى، كتاب الوتر، باب فى فضل الصلاة على النبى، صفحه:144، حديث:484۔

فضول گوئی کی نکلے عادت، ھو دور بے جا ھنسی کی خَصلت
دُرُود پڑھتا رھوں میں ھر دم، امامِ اعظم ابو حنیفه![1]

## (2): تلاوت ڪرڻ

اھڙيءَ طرح، تلاوتِ قرآن بہ شعبان شريف جي اھم عبادتن مان آھي. بلڪ ڪجھ روايتن ۾ شعبان شريف جو نالو ئي "شھر القرآن" (يعني تلاوتِ قرآن جو مھينو) رکيو ويو آھي. ھڪ روايت ۾ اچي ٿو: شعبان شريف الله پاڪ جي بارگاھ ۾ عرض ڪيو: اي رب! تو مون کي ٻن عظمت وارن مھينن (رجب ۽ رمضان) جي وچ ۾ رکيو آھي، مون لاءِ ڇا آھي؟ فرمايو: مون تو ۾ تلاوتِ قرآن رکي آھي.[2]

۞ ھڪ روايت ۾ آھي تہ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جو معمول ھو، جيئن ئي شعبان شريف ايندو ھو، اھي مڪمل توجھ سان قرآن پاڪ جي تلاوت ۾ مصروف ٿي ويندا ھئا.[3]

ڪاش! اسان کي بہ اھا توفيق ملي، جو اسان بہ ھن بابرڪت مھيني ۾ ڪثرت سان تلاوت ڪندڙ بڻجي وڃون. اٰمِیۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ.

دے شوقِ تلاوت دے ذَوقِ عبادت
رہوں باوُضو میں سدا یاالٰہی!(4)

## (3): نفل روزا

شعبان شريف جي ٽين اھم عبادت نفل روزو آھي. پيارا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّمَ رمضان المبارڪ کان پوءِ سڀ کان وڌيڪ شعبان شريف ۾ روزا رکڻ پسند ڪندا ھئا. مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا فرمائن ٿيون:

---

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:574۔

2...لطائفِ مَعَارِف، صفحہ:186۔

3...لطائفِ مَعَارِف، صفحہ:186۔

4...وسائلِ بخشش، صفحہ:102۔

الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي مون شعبان کان وڌيڪ ڪنهن مهيني ۾ روزا رکندي نہ ڏٺو. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سواءِ چند ڏينهن جي، سڄو مهينو روزا رکندا هئا. [1] هڪ ڀيرو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ سوال ٿيو: رمضان کان پوءِ ڪهڙا روزا افضل آهن؟ فرمايو: رمضان جي تعظيم لاءِ شعبان جا روزا رکڻ. [2]

## نفل روزن جا مختصر فضائل

پيارا اسلامي ڀائرو، احاديث مبارڪ ۾ نفل روزن جا ڪيترائي فضائل بيان ٿيا آهن. ٽي روايتون پيش ڪيان ٿو: (1): جنهن ثواب جي اميد رکندي هڪ نفل روزو رکيو، الله پاڪ ان کي دوزخ کان چاليهہ سال (جي فاصلي) تائين پري ڪري ڇڏيندو. [3] (2): جيڪڏهن ڪنهن هڪ ڏينهن جو نفل روزو رکيو ۽ ان کي زمين جيترو سون ڏنو وڃي، تڏهن بہ ان جو ثواب پورو نہ ٿيندو. ان جو ثواب تہ قيامت جي ڏينهن ئي ملندو. [4] (3): جنهن هڪ ڏينهن جو نفل روزو رکيو، الله پاڪ ان کي جهنم کان ايترو پري ڪري ڇڏيندو جيترو زمين ۽ آسمان جي وچ وارو فاصلو آهي. [5]

## (4): استغفار جي ڪثرت

شعبان شريف ۾ چوٿين اهم عبادت جيڪا ڪرڻ گهرجي، اها توبہ ۽ استغفار آهي. ان جي حڪمت اها آهي تہ شعبان جو مهينو جيترو عظمت وارو آهي، اوترو ئي نازڪ بہ آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: هي اهو مهينو آهي جنهن کان ماڻهو غافل آهن، جڏهن تہ هن مهيني ۾ ماڻهن جا اعمال رب العالمين جي بارگاهہ ۾ پيش

---

[1]…ترمذی، کتاب:الصوم، باب:ماجاء فی وصال شعبان برمضان، صفحہ:206، حدیث:736۔

[2]…ترمذی، کتاب: زکوٰۃ، باب: فضیلتِ صدقہ، صفحہ:189، حدیث:663۔

[3]…کنز العمال، جز:8، جلد:8، صفحہ:255، حدیث:24148۔

[4]…مسند ابی یعلی، مسند ابو ہریرہ، جلد:4، صفحہ:459، حدیث:6123۔

[5]…معجم کبیر، جلد:7، صفحہ:49، حدیث:13742۔

ڪيا ويندا آهن.[1] هن مهيني ۾ حضرت ملڪ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام کي انهن سيني ماڻهن جي فهرست ڏني ويندي آهي، جن جا ايندڙ سال روحَ قبض ڪيا ويندا.[2] هن مبارڪ مهيني جي 15هين رات الله پاڪ بَنو ڪَلب جي ٻڪرين جي وارن جي برابر ماڻهن جي مغفرت فرمائي، کين جهنم کان آزاد ڪري ڇڏيندو آهي.[3]
الله پاڪ هن بابرڪت مهيني ۾ اسان کي وڌيڪ کان وڌيڪ استغفار ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

بَراءَت دے عذابِ قبر سے نارِ جہنم سے | مہِ شعبان کے صدقے میں کر فضل و کرم مولیٰ[4]

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

12 ديني ڪمن ۾ هڪ ديني ڪم: تفسير ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو حلقو اي عاشقانِ رسول! دل ۾ عشقِ رسول وڌائڻ، سنتن تي هلڻ، نيڪ نمازي بڻجڻ لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ پڻ ڀرپور حصو وٺو! اِنۡ شَآءَ الله! دين ۽ دنيا جون بي شمار برڪتون ملنديون. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: تفسير ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو حلقو بہ آهي. قرآنِ مجيد سکڻ تمام وڏي فضيلت وارو ڪم آهي: ۞حديثن ۾ اهڙي طرح جو مضمون آهي: صبح ان حالت ۾ گذاريو جو يا توهان عالِم هجو يا طالبِ علمِ دين.[5] ۞هڪ روايت مطابق صبح جي وقت قرآنِ مجيد جي هڪ آيت سکڻ 100 رڪعت نفل پڙهڻ کان بهتر آهي.[6]
۞ اَلۡحَمۡدُ لِله! دعوتِ اسلامي جا عاشقانِ رسول فجر کان بعد تفسير ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ

---

1…مسندِ اَحْمَد، جلد:36، صفحہ:85، حديث:21753۔
2…جامع صغير، صفحہ:369، حديث:5964۔
3…الترغيب والترہيب، كتاب الصوم، باب الترغيب فی صوم شعبان، صفحہ:351، حديث:11۔
4…وسائلِ بخشش، صفحہ:98۔
5… دارمی، المقدمۃ، باب فی ذهاب العلم، صفحہ:96، حديث:254۔
6… ابن ماجہ، باب فضل من تعلم القرآن و علمہ، صفحہ:48، حديث:219۔

جو حلقو لڳائيندا آهن. ان ۾ 3 قرآني آيتون، انهن جو ترجمو ۽ تفسير ٻڌو، ٻڌايو ويندو آهي. فيضانِ سنت مان درس ٿيندو آهي. شجرو شريف پڙهيو ويندو آهي. دعا ٿيندي آهي ۽ آخر ۾ اشراق، چاشت جا نفل پڻ پڙهيا ويندا آهن. توهان بہ تفسير ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جي حلقي ۾ حصو وٺڻ جي عادت ناهيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! وڏيون برڪتون ملنديون. حديثِ پاڪ مطابق جيڪو صبح جي وقت مسجد ۾ نيڪي سکڻ وڃي، ان کي عُمري جو ثواب ملندو آهي.[1] صبح جو وقت نيڪين ۾ گذارڻ سان برڪت ملندي، سڄو ڏينهن سٺو گذرندو، صبح صبح علمِ دين سکڻ جو موقعو ملندو. شجري شريف جي صورت ۾ نيڪ ٻانهن جو ذڪر ٿيندو، انهن جي محبت دل ۾ پيدا ٿيندي، اولياءِ ڪرام جي روحاني توجهہ ملندي، ايمان تازو ٿيندو، انهن جي وسيلي سان ڪيل دعائون اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! پوريون ٿينديون. هڪ وڏي برڪت اها آهي تہ نمازِ فجر کان نمازِ اشراق تائين مسجد ۾ رهڻ سنتِ مصطفیٰ آهي، ان تي عمل ڪرڻ جي سعادت ملندي. حديثِ پاڪ مطابق جيڪو نمازِ فجر کانپوءِ ذڪرِ الله ۾ مشغول رهي، پوءِ اشراق، چاشت جا نفل پڙهي، ان کي دوزخ جي باهہ نہ ڇُهندي.[2]

## ويزا ملي ويا

هڪ اسلامي ڀاءُ تقريباً 14 سال کان ٻاهرين ملڪ آهي جتي انهن جو پنهنجو ڪاروبار آهي، انهن کي هڪ دفعو پنهنجي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙن جي ضرورت پئي. انهن ويزن لاءِ بار بار درخواستون جمع ڪيون، پر ڪافي ڪوششون ڪرڻ باوجود ويزا نہ ملي سگهيا. ڪيترائي سال اهڙي ريت گذري ويا، ۽ اهي تمام پريشان هئا ڇوتہ ملازمن جي نہ هجڻ سبب انهن کي نقصان ٿي رهيو هو. خير، انهن همت ڪري هڪ دفعو ٻيهر درخواست جمع ڪرائي. ان دوران هڪ

---

[1]... مستدرک، کتاب العلم، باب من جاء المسجد...الخ، جلد:1، صفحہ:281، حديث:317۔

[2]... شعب الايمان، باب فی الصيام، جلد:3، صفحہ:420، حديث:3957۔

اسلامي ڀاءُ انهن کي شجره قادريہ عطاريہ مان شجره عاليہ جا دعائيہ شعرَ پڙهڻ جو مشورو ڏنو. انهن شجره شريف جا دعائيه اشعار پابندي سان پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيا. اَلْحَمْدُلِلّٰه! شجره قادريہ رضويہ ضيائيہ عطاريہ پڙهڻ جي برڪت سان انهن جو اهو ڪم جيڪو ڪيترن سالن کان نہ ٿي رهيو هو، حيرت انگيز طور تي چند ڏينهن ۾ ٿي ويو ۽ انهن کي ويزا مل ويا.

مُشکِلیں حَل کر شہِ مُشکل کُشا کے واسطے | کر بلائیں رَد شہیدِ کربلا کے واسطے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايپلي ڪيشن جو تعارف: بهارِ شريعت

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالوجي ذريعي بہ مختلف انداز ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مشغول آهي، ان سلسلي ۾ اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ طرفان هڪ تمام پياري، نرالي ۽ تمام فائديمند موبائل ايپلي ڪيشن "بهارِ شريعت" (Bahar e Shariyat) لانچ ڪئي وئي آهي.

۞صدرالشريعہ، مولانا امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مايہ ناز تصنيف بهارِ شريعت جي ٽن جلدن کي هن ايپلي ڪيشن ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ۞ ان کان علاوه بهارِ شريعت ۾ شامل قرآنِ مجيد جون آيتون، حديثون، اصطلاحون ۽ لغت پڻ هن ايپلي ڪيشن جو حصو آهن. ۞ توهان هن ايپلي ڪيشن ۾ مطلوبہ مواد ڳولي سگهو ٿا. ۞ سرچ کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ هن ۾ اردو کي بورڊ جي سهولت موجود آهي، جنهن سان ايپلي ڪيشن ۾ سرچ ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي، هن

وقت 80 ڪان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مشغول آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! Aڪنزالمدارس بورڊ جي نالي سان دعوتِ اسلامي جو پنهنجو تعليمي بورڊ آهي. A تقريباً 16 هزار 500 ڪان وڌيڪ جامعات و مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلز) قائم آهن، جن ۾ حفظ و ناظره، عالِم ڪورس (درسِ نظامي)، مختلف تخصصات (Specialization)، فرائض علوم ڪورسز ڪرايا پيا وڃن. A جامعات و مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلز) جي طلبا جو تعداد لڳ ڀڳ 5 لک 30 هزار آهي. A وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن کي قرآنِ ڪريم جي تعليم ڏيڻ لاءِ تقريباً 74 هزار 887 ڪان وڌيڪ مدارس المدينہ بالغان و بالغات قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ پڙهڻ وارن جو تعداد تقريباً 4 لک 86 هزار ڪان وڌيڪ آهي. A فيضان آن لائن اڪيڊمي ذريعي تقريباً 24 هزار طلبہ ۽ طالبات ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. A هن وقت تقريباً 21 دارالافتاء اهل سنت قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ شرعي رهنمائي جو تعداد مهيني اوسطاً 20 هزار آهي. A المدينة العلم (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) ذريعي ديني لٽرچر تي تحقيقي ڪم جاري آهي، اَلْحَمْدُلِلّٰه! هن شعبي تحت هن وقت تائين 1784 ڪتابن ۽ رسالن تي ڪم ٿي چڪو آهي، ۽ هن شعبي ۾ ڪيترا مدني عالمَ سڳورا خدمت انجام ڏئي رهيا آهن، الله پاڪ جي ڪرم سان دعوتِ اسلامي انهن مدني عالمن کي باقاعده تنخواهون ڏئي رهي آهي. A ديني لٽچر جي اشاعت لاءِ دعوتِ اسلامي پنهنجو اشاعتي ادارو مڪتبة المدينہ قائم ڪيو آهي، جتي بهترين ۽ خوبصورت انداز ۾ ڪتابن جي اشاعت ڪئي ويندي آهي، تقسيم رسائل (يعني مختلف ڪتابَ ۽ رسالا مفت ۾ ورهائڻ) جو بہ سلسلو جاري آهي ۽ ڪتابن جي وڪري جو ڪم بہ ڪيو ويندو آهي. A سڄي دنيا ۾ ديني ڪمن جي ڌوم مچائڻ لاءِ دعوتِ اسلاميءَ جو مڪمل تنظيمي سيٽ اپ موجود آهي، ذيلي حلقن کان وٺي مرڪزي مجلسِ شوريٰ تائين سڄو هڪ نظام قائم آهي، شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ذمّيدارَ موجود آهن. A عاشقانِ رسول کي تربيت ڏئي انهن کي ديني ڪم ڪرڻ لاءِ ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ روانو ڪيو ويندو

آهي، انهن کي باقاعده تنخواهون ڏنيون وينديون آهن ۽ اهي فارغ البال (يعني ڪمائڻ کان بي پرواهه) ٿي ڪري دين جي خدمت ڪندا آهن. A ميڊيا جي مختلف پليٽ فارمز تي بہ خدمتِ دين جو سلسلو جاري آهي، ۞پرنٽ ميڊيا (يعني ماهوار فيضانِ مدينہ، جيڪو هن وقت 7 ٻولين ۾ شائع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ماهوار آهي)، ۞۞ سوشل ميڊيا (جهڙوڪ يوٽيوب (Youtube)، فيس بُڪ (Facebook)، انسٽاگرام (Instagram) وغيره) تي موجود تقريباً 100 اڪائونٽ، جن تي تقريباً 50 ملين (Million) يعني 5 ڪروڙ فالورز آهن، جڏهن تہ ويڊيوز جا نظارا بلينز (Billions) يعني 100 ڪروڙ کان بہ وڌيڪ ٿي چڪا آهن. ۞مدني چينل اردو، انگريزي، بنگالي ٻولين ۾، ڪدز مدني چينل، بزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل ذريعي دينِ اسلام جي خدمت ڪئي پئي وڃي. آءِ ٽي جي شعبي طرفان هاڻي تائين 32 موبائل ايپلي ڪيشن ۽ 40 اسلامي ويب سائيٽس لانچ ڪيون ويون آهن. دنيا جي مسلمانن جي خير خواهي لاءِ ايف جي آر ايف جو شعبو قائم آهي، جنهن تحت هاڻي تائين: ۞34 لک 16 هزار کان وڌيڪ وڻ پوکيا ويا آهن. ۞تقريباً 76 لک 82 هزار 958 ماڻهن جي مدد ڪئي وئي آهي. ۞5 هزار 566 کان وڌيڪ گهر تعمير ڪيا ويا آهن. ۞ 75 هزار 721 کان وڌيڪ خون جون بوتلون عطيو ڪيون ويون آهن. ۞ هيلٿ ڪيئر سينٽر ۾ هاڻي تائين 61 هزار 667 کان وڌيڪ مريض علاج لاءِ اچي چڪا آهن.

پيارا اسلامي ڀائرو! پنهنجا عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏئي، خدمتِ دين جي ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو! توهان جا عطيات يعني چندو ڪنهن بہ نيڪ، جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خير خواهي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪم ۾ لڳايا ويندا.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## رَجَب ۾ پڙهڻ واري دعا

پيارا اسلامي ڀائرو! نبين جا نبي، رسولِ هاشمي، صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رجب ۾ هي

دعا پڙهندا هئا: اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِي رَجَبٍ وَّ شَعْبَانَ وَبَلِّغْنَا رَمَضَان ترجمو: اي الله پاڪ! تون اسان لاءِ رجب ۽ شعبان ۾ برڪتون عطا فرماءِ ۽ اسان کي رمضان تائين پهچاءِ. [1]

**اچو! اسان به هي دعا پڙهڻ شروع ڪريون:**

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِي رَجَبٍ وَّ شَعْبَانَ وَبَلِّغْنَا رَمَضَان

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلان

۞ هر هفتي ۾ اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ مدني چينل تي لائيو هفتي واري مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي ۾ پڻ مدني چينل تي عشاء کان پوءِ (تقريباً 8:30 منٽن تي) اِنْ شَآءَالله هفتي وارو مدني مذاڪره ٿيندو، جنهن ۾ اميرِ اهلِ سنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ سوالن جا جواب پڻ ڏيندا. تمام ذمّي دار ۽ عاشقانِ رسول کي درخواست آهي ته هن مدني مذاڪري ۾ خود شرڪت ڪن ۽ ٻين کي پڻ ان ۾ شرڪت جي دعوت ڏين. ۞ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت هر هفتي ۾ هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ ”عاشقانِ درود و سلام جي واقعات“ تي مشتمل رسالي جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو، ٻين کي به ان جي پڙهڻ جي ترغيب ڏيو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، رضاءِ خدا ۽ ثواب لاءِ هي رسالو ٻين تائين شيئر ڪيو. ۞ امام اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي حياتي ۾ پنهنجي اولاد ۽ شاگردن کي بهترين زندگي گذارڻ جي اصولن تي مشتمل ڪيترن ئي وصيتن جو فرمان ڏنو. انهن وصيتن مان ڪجھ مڪتبة

---

[1]…مُسْنَد بَزّار، جلد:13، صفحه:117، حديث:6496.

المدينہ طرفان امام اعظم جي وصيتن واري رسالي ۾ شايع ڪيا ويا آهن. ان سان گڏوگڏ حضرت محدّث اعظم پاڪستان مولانا سردار احمد صاحب رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي سيرت مبارڪ تي مشتمل رسالو ”فيضانِ محدّث اعظم“ پڻ شايع ڪيو ويو آهي. اهي ٻئي رسالا مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 17 رپيا ۽ 14 رپيا ۾ حاصل ڪري سگهجن ٿا، پاڻ بہ مطالعو ڪيو، ٻين ڪي بہ ان جي پڙهڻ جي ترغيب ڏيو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي، سُنّت جي فضيلت ۽ زندگي جا ڪجھ آداب بيان ڪرڻ جو شرف حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: مَنۡ اَحَبَّ سُنَّتِیۡ فَقَدۡ اَحَبَّنِیۡ وَمَنۡ اَحَبَّنِیۡ کَانَ مَعِیَ فِی الۡجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي، ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## ”گهر وارن تي خرچ ڪرڻ سُنَّتِ مصطفیٰ آهي“

2 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1): قيامت جي ڏينهن ميزانِ عمل تي سڀ کان پهرين ٻانهي جو پنهنجي گهر وارن تي خرچ ڪيل مال رکيو ويندو. [2]

(2): جيڪو ثواب جي نيت سان پنهنجي گهر وارن تي خرچ ڪندو آهي، اهو ان جي لاءِ صدقو آهي. [3]

اي عاشقانِ رسول! گهر وارن تي خرچ ڪرڻ سُنّتِ مصطفیٰ آهي. پيارا آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجن گهر وارن تي خرچ ڪندا هئا. حديثِ پاڪ مطابق هجرت کان پوءِ هڪ وقت اهو بہ آيو جو رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي گهر

[1]...مشکوٰة،کتابُ:الْاِیمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حديث:175۔
[2]...معجم الاوسط ،جلد:4، صفحہ: 329، حديث: 6135۔
[3]...مسلم ،کتا ب :الزکاۃ، صفحہ:502، حديث:1002۔

وارن لاءِ سڄي سال جو اناج جمع ڪري ڇڏيو.[1]

هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ مشهور مفسرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو بيان آهي، ان جو خلاصو آهي ته هي يعني سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو سڄي سال لاءِ اناج جمع ڪرڻ، بنو نُضَيْر جو قلعو فتح ٿيڻ کان پوءِ جو واقعو آهي. هي پڻ خيال رکو ته حضور، جانِ ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جيتوڻيڪ سڄي سال جو اناج جمع ڪندا هئا پر پاڪ بيبيون گهڻو صدقو ۽ خيرات ڪنديون هيون، سڄي سال جو اناج جلد ختم ٿي ويندو ۽ ڪڏهن ڪڏهن حالت فاقن تائين به پهچي ويندي هئي.[2]

بھوکے رہتے تھے خود اوروں کو کھلا دیتے تھے | کیسے صابر تھے محمّد کے گھرانے والے

رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سڄي سال جو اناج جمع ڪرڻ، ان لاءِ هو ته اهو عمل امت جي حق ۾ سُنّت بڻجي وڃي، نه ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا گهر وارا دل جا ڪمزور نه هئا (بلڪ اهي حضرات الله پاڪ تي مڪمل پروسو رکندا هئا).[3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

مختلف سنتون سکڻ لاءِ مڪتبة المدينه جي بهارِ شريعت جلد:3، حصو:16، ۽ اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن وارو رسالو "550 سنتون ۽ آداب" خريد ڪري پڙهو، سنتون سکڻ جو بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان سنتن پرپور سفر پڻ آهي.

اُلفتِ مصطفٰے اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمھیں قافلے میں چلو

---

[1]... احياء العلوم، ڪتاب: توحيد، جلد: 4، صفحه:343۔

[2]... مرآةُ المناجِيح، جلد:5، صفحه:949۔

[3]... احياء العلوم، ڪتاب: توحيد، جلد: 4، صفحه:343۔

گر مدینے کا غم چاہیے چشمِ نم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو(1)

آمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن يري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعي جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(2)

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (3)

[1] ...وسائل بخشش، صفحہ:669۔
[2] افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة السادسۃ والخمسون، ص151ملخصًا
[3] افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الحادیۃ عشرۃ، ص 65

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (3)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

---

1 ... القول البديع، الباب الثانى، ص277

2 ... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3 ... القول البديع، الباب الاول، ص4125

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [1]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [2]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

[2] … مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

[3] … ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455